# پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟

سنڌي

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامی)

ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ و بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پ**

رسالي جو نالو: پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟
ڇاپو پهريون شوال المڪرم 1442ھ مئي 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي


مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه**
**محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
7213**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.
**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟ 1

دعاءِ عطار: ........................................................ 1

درود شريف جي فضيلت .................................... 1

پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن .................................. 1

ڇا سيلفي ڪيندي وقت مرڻ خودڪشي آهي ........................... 6

تقدير ۾ سڀ ڪجھ لکيل آهي ته محنت ڇو؟ ............................ 7

خوف دور ڪرڻ جو روحاني علاج .................................. 9

سچائي ۾ عظمت آهي .............................................. 9

جان جو صدقو ڪنهن شيءِ جو ڏيڻ بهتر آهي؟ ........................ 12

ديني طبقي جو دنياوي طبقي تي رشڪ ڪرڻ ڪيئن؟ ...................... 13

ڪم پورو ٿيندي ٿيندي ڇو رهجي ويندو آهي؟ ............................ 14

فضائلِ آفات ۽ 20 روحاني علاج .................................. 17

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟[1]

## دعاءِ عطار:

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن؟“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي رضا جي لاءِ مصيبتن تي صبر ۽ تمام گهڻو اجر عطا ڪر ۽ ان کي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري نبي حضرتِ ايوب عَلَيه السَّلَام جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو مون تي سڀ کان وڌيڪ درود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذي شريف، 27/2، حديث:484)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ ڪيئن

**سوال:** صبر ۽ برداشت ۾ ڇا فرق آهي؟ ڇا پنهنجي پريشاني ٻه ڪنهن کي نٿا ٻڌائي سگهون؟

**(محمد عامر عطاري، ڪولمبو سري لنڪا)**

[1] هيءُ رسالو 16 جماديَ الأولي 1441 ھ بمطابق 11 جنوري 2020 تي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري مدني مذاڪري جو تحريري گلدستو آهي، جنهن کي المدينة العلميه جي شعبي ”**ملفوظات اميرِ اهلسنت**“ مرتب ڪيو آهي.

**جواب:** غالباً صبر جي معنيٰ اردو ۾ برداشت ڪرڻ ئي هوندو آهي. رهيو اهو سوال تہ **”پنهنجون مصيبتون ٻين کي ٻڌائڻ“** ان ۾ بعض اوقات بي صبري سامهون ايندي آهي. جيڪڏهن ڪو ڪنهن بزرگ، اِمام مسجد يا عالم دين کي پنهنجي مصيبت ان ڪري ٻڌائي رهيو آهي تہ جيئن اهي اُن جي لاءِ دعا ڪن، يا ڪنهن ڊاڪٽر کي انڪري ٻڌائي رهيو آهي تہ جيئن اُن جي بيماري جو علاج ڪري ۽ ايترو ٻڌائي رهيو آهي جيترو ٻڌائڻ جي ضرورت آهي تہ اها بي صبري نہ چورائبي ۽ ثواب بہ ضايع ڪونہ ٿيندو. ڪجھ ماڻهو ڊاڪٽر کي پنهنجي بيماري ٻڌائڻ مهل مبالغہ آرائي ڪندا آهن. بخار ٿيو آهي تہ چوندا تہ **”شديد بخار آهي.“** سور ٿي رهيو آهي تہ چوندا **”سخت سور آهي.“** جيڪڏهن گهٽو سور آهي تہ سخت چوڻ ۾ حرج ناهي، پر گهٽو ڪري ائين ناهي هوندو. پهريان چوندا هئا تہ ”دوا خاني پيو وڃان، يا امڙ کي دواخاني پيو وٺي وڃان“ هاڻي چوندا آهن تہ **”امڙ کي اسپتال وٺي پيو وڃان“** چوتہ اسپتال جو نالو ڳرو آهي، انهيءَ ڪري همدردي وٺڻ جي لاءِ اهي لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن، حالانڪ اسپتال بدران ڪلينڪ بہ ٻڌائي سگهجي ٿو. اسپتال جو نالو ٻڌي ڪري انسان ٿورو ڇرڪي پوندو آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسپتال وڃي بہ رهيا هجو تہ اها وضاحت ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ ”صرف چيڪ اپ جي لاءِ اسپتال وڃي رهيو آهيان.“ پنهنجي مصيبت ضرورت موجب بيان ڪري سگهو ٿا، وڌائي سڌائي ۽ مبالغي سان بيان نہ ڪئي وڃي.

ڪي ماڻهو هوندئن ئي نارمل هوندا آهن، پر جيئن ئي ڪو ٻيو ڏسندو آهي تہ بيمارن وانگر منهن بڻائيندا آهن ۽ بيماريءَ وارو

انداز اپنائيندا آهن. مونکي هڪ ڄڃھ ڪنهن سان پڇڻ جي لاءِ وڃڻ ٿيو، اهو چڱو ڀلو وينو هو، پر جيئن ئي مون تي نظر پيس تہ چادر ويڙهي ليٽي پيو حالانڪ مون ان کي ڏسي ورتو هو. بهرحال! مون بہ ان کي ڪجهہ نہ چيو تہ ”ڊرامو بند ڪر!“ تہ جيئن اهو شرمندو نہ ٿئي، پر ظاهر آهي اهو ڊرامو ئي تہ هو تہ ڪو پڇڻ اچي تہ ان کي بيمار ڀڄي ڏيکاريو تہ جيئن اهو گهڻيون همدرديون ڏي. جيڪو پنهنجي بيمار هجڻ جو ڪوڙو اظهار ڪندو آهي ان جي لاءِ حديث پاڪ ۾ وعيد موجود آهي تہ اهو جهڙو اظهار ڪري رهيو آهي، ڪٿي ائين ئي بيمار نہ ٿي وڃي. (فردوس الاخبار، 421/2، حديث:7624)

انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪنهن جي سامهون اظهار ڪرڻو آهي تہ اوترو ئي ڪيو جيترو ڪرڻ جي ضرورت آهي. اڄڪلھ ماڻهو هر طرح جي بيماري بلڪ معيوب بيمارين جو بہ اظهار ڪري ڇڏيندا آهن. حالانڪ هڪ زمانو اهو بہ هو جو پيٽ ۾ سور هوندو هو تہ ٻڌائيندي شرمائيندا هئا. ها! ضرورت موجب ڊاڪٽر کي ٻڌائي سگهجي ٿو. پر ڪين ٻڌائڻ ۾ بہ سٺن الفاظن جي چونڊ ڪئي وڃي تہ ”ٿورو پيٽ جو مسئلو آهي.“ حضرت اِمام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هيءُ واقعو نقل فرمايو آهي تہ اميرالمؤمنين حضرت عمربن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بغل ۾ ڦرڙي نڪتي هئي. ڪنهن آزمائڻ جي لاءِ پڇيو تہ ڏسو ڇا تا جواب ڏين؟ پاڻ فرمايائون: هٿ جي اندر جي طرف ڦرڙي نڪتي آهي. (احياءالعلوم، 151/3 مفهوماً) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”لفظ“ بغل چوڻ کان بہ شرمايو. اسان مان ڪو هجي ها تہ شايد بغل ڪڍي ڏيکاري بہ ڇڏي ها. اسان وٽ تہ جتي جتي تڪليف آهي بعض اوقات اُتان جو پورو نقشو ناهي ٻڌايو ويندو آهي. الله ڪريم اسان

ڪي ”عثمانِ باحيا“ جو صدقو نصيب فرمائي ۽ شرم ۽ حيا جي دولت عطا ڪري. اميرالمؤمنين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهڙا باحياء هئا جو بند ڪمري ۾ به لباس تبديل ڪندي وقت شرمائيندا هئا. (مسند امام احمد، 160/1، حديث:543 مفهوماً)

**سوال:** بعض اوقات انسان جڏهن ڪنهن جي سامهون گهڻي شڪوه شڪايت ڪندو آهي ۽ سامهون وارو نرمي ڪندي چوندو آهي ته”صبر ڪيو!“ ته اهو جواب ۾ چوندو آهي ته ”بس ادا، صبر ئي ته ڪري رهيا آهيون.“ اهڙن جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟

**(رڪنِ شوريٰ ابوالحسن حاجي محمد اَمين عطاري)**

**جواب:** حديثِ پاڪ ۾ آهي ته ”صبر ته اوّل صدمي ۾ هوندو آهي.“ (بخاري، 434/1، حديث:1283) بعد ۾ ته صبر اچي ئي ويندو آهي. ان ڪري جيئن ئي تڪليف اچي ڀانهو ڳالهاءِ نه، بس چپ ٿي وڃي ۽ پنهنجي جسماني عضون سان به اظهار نه ڪري جو سامهون وارو هي سمجهي ته ان کي ڪا تڪليف آهي، چوته جيڪڏهن ڪو پيلي ماٿ رهي، پر منهن بگاڙي، هاءِ، اُو، آهه ڪري ته ظاهر آهي سامهون وارو پڇندو ته ڇا ٿيو؟ اهڙي ۾ انسان چوندو پاڻ ٿوري ٻڌايو آهي، ان پڇيو آهي تڏهن ٻڌايو آهي، حالانڪ پنهنجي جسم يا چهري تي آثار ظاهر ڪري رکيا هئا ته مون کان پڇو ته ڇا تڪليف آهي؟ تڏهن ان اچي پڇيو آهي. ائين طرح طرح جي ٽيڪنيڪ هوندي آهي. اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات (يعني اعمال جو دارومدار نيّتن تي آهي).

(بخاري، 6/1، حديث:1)

بنا ضرورت ڪنهن جي سامهون تڪليف جو اظهار ڪرڻ سان صبر جي منزل هٿان مان نڪري ويندي آهي. ۽ هي تمام مشڪل ڪم آهي، ڇوته جيڪڏهن ڪنهن جي موبائل ڪسجي وڃي يا جيب ڪٽجي وڃي ته اهو مسڪرائيندي خاموشي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ٿوري ڪندو، بلڪ ماڻهن کي پڪڙي ڇوندو ته ”منهنجي موبائل بندوق جي زور تي کسي ورتي، مونکي ڌمڪي ڏئي رهيا هئا، جهڳڙو ڪيان ها ته گولي هڻن ها“ ائين پانهو همدرديون حاصل ڪندو آهي. بعض اوقات مصيبت ٻڌي ڪري سامهون واري تي ڪو اثر ناهي پوندو ۽ پانهي جي بيعزتي ٿي ويندي آهي، سامهون وارو صرف ”اڇا“ چئي هليو ويندو آهي، انهيءَ ڪري انسان کي ڇوڻ جو ڪهڙو فائدو! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو وڃي ۽ دعا گهري وڃي، دعا گهرڻ بي صبري ناهي. گهر ۾ چوري ٿي وڃي، يا باهه لڳي وڃي يا ڪو نقصان ٿي وڃي يا ٻار ۽ ماءُ پيءُ بيمار ٿي پوَن ته بنا ضرورت ڪنهن کي نه چئو، ڇوٽو پئي ته ضرورت موجب چئو. 100 ماڻهن کي ٻڌائڻ جي ضروت آهي ته 100 کي ٻڌايو نه ته هڪ کي به نه ٻڌايو. مثلاً گهر ۾ ڪنهن جو وصال ٿي وڃڻ هڪ مصيبت آهي، بلڪ پانهي تي غم جو جبل ٽٽي پوندو آهي. هاڻي اهڙي صورتحال ۾ پانهو ماڻهن کي هن مصيبت جو اطلاع ڏيندو، ڇوته اهي جمع ٿيندا ۽ جنازو پڙهندا. هيءَ صورت درست آهي. هن ۾ به روئڻ ۽ اهڙي انداز سان غم ظاهر ڪرڻ کان بچڻو پوندو جنهن کي بي صبري چيو وڃي. ڳوڙها وهڻ بي صبري ناهي، ڇوته اهي پاڻهي آيا آهن. اهڙي ڪيفيت نه ٻڌايو جنهن سان خوب غم جو اظهار ٿئي، جيئن عورتن ۾ اها عادت وڌيڪ هوندي آهي ته اڪيليون هونديون

تہ ماٺ هونديون، پر جيئن ئي ڪا ملڻ يا تعزيت ڪرڻ ايندي تہ روئڻ شروع ڪنديون ۽ ٻڌائينديون آهن تہ هي ٿي ويو آهي.

اهڙي طرح جا ڪجھ اثرات مردن ۾ هوندا آهن. هي بي صبري آهي. الله ڪريم اسان سڀني کي حقيقي معنيٰ ۾ صبر عطا فرمائي. صبر جنت جو خزانو آهي. ڪاش! اسان کي نصيب ٿي وڃي. نفس ۽ شيطان صبر ڪرڻ ناهي ڏيندو، ڇوتہ جنت جو خزانو جڏهن ايترو آساني سان ملي رهيو هوندو تہ نفس ۽ شيطان ڪٿان حاصل ڪرڻ ڏيندو! اسان الله پاڪ کان ڀلائي جي توفيق جي درخواست ڪيون ٿا تہ اسان کي واقعي ئي صبر عطا ڪري ۽ صبر ڪرڻ واري امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو صدقو نصيب ٿي وڃي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## ڇا سيلفي ڪيندي وقت مرڻ خودڪشي آهي

**سُوال:** جيڪي ماڻهو وڏين عمارتن تان سيلفي ڪيندي وقت ڪِري مري ويندا آهن، ڇا اُنهن تي خودڪشي جو حڪم لڳندو.؟

**جواب**: هي ماڻهو ڄاڻي واڻي پنهنجي جان کي ختم نٿا ڪن، ان جي لاءِ هنن تي خودڪشي جو حڪم ڪونہ لڳندو. البتہ ايترو ضرور آهي تہ ائين ڪرڻ هنن جي لاءِ شرعي طور درست نہ هو. قرآنِ ڪريم ۾ آهي: وَ لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۚۛ ترجمو: ۽ پنهنجي هٿان هلاڪت ۾ نہ پئو. (پ2، البقره: 195) هي ماڻهو پنهنجي بهادري بلڪ حماقت جي چڪر ۾ اچي صرف هي ڏيکاءُ ڪرڻ جي لاءِ تہ ”مان وڏو

همت وارو آهيان، ڏسو! مون ڪهڙي سيلفي ڪڍي آهي“ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ بعض اوقات موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. ڪو ترين جي هيٺان اچي ويندو ته ڪو ڇت يا ڪنهن امارت تان ڪِري پوندو آهي. ڪجھ عرصو پهريان هندستان جي هڪ ويڊيو وائرل ٿي جنهن ۾ هڪ مسلمان نوجوان شينهن سان گڏ سيلفي ڪڍندي اونچي ديوار کان شينهن جي پنجري ۾ ڪِري پيو ۽ شينهن ان کي گهليندو وٺي ويو، پر ان دوران نوجوان جو هارٽ فيل ٿي چڪو هو. الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

سيلفي نهايت خطرناڪ شيءِ آهي، البته بعض اوقات خطرناڪ ڪونه هوندي آهي، پر هن جي ڪري ماڻهن کي صرف هڪ مصروفيت ملي وئي آهي. موت جيڪڏهن لکيل آهي ته ڪنهن بهاني سان به اچي ويندو آهي ۽ انسان کي خبر ناهي پوندي جنهن سبب انسان کا اهڙي حرڪت ڪندو ۽ موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي. الله پاڪ اسان جي حفاظت فرمائي.

## تقدير ۾ سڀ ڪجھ لکيل آهي ته محنت ڇو؟

**سوال:** جيڪڏهن تقدير ۾ هر شيءِ لکيل آهي ته محنت ڪرڻ جو ضروري آهي؟ (علي رضا. ايس ايم ايس جي ذريعي سوال)

**جواب:** جيڪڏهن تقدير ۾ سردي سبب ڏکي مرڻ لکيل آهي ته پوءِ گرم ڪپڙا جو پائيندا آهيو!!! جيڪڏهن قسمت ۾ چوري لکي وئي آهي ته دروازو بند ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت!! پيسا ۽

سونا زيور لڪائڻ جي کھڙي ضرورت!! دروازو کليل رکو! سامان ڪڍي گھٽي ۾ ڇڏي ڏيو! تقدير ۾ لکيل هوندو ته چوري ٿي ويندو نه ته چوري ڪونه ٿيندو، بلڪ ڪنهن کي نظر به ڪونه ايندو. سيني ڳالهين ۾ توهان انتظام ڪيو ٿا، تقدير تي ننڍا ڇڏيو، پر بعض معاملا تقدير تي ڇڏيو ٿا، جيئن ڪجھ بيباڪ قسم جا ماڻھو چوندا آهن ته ”يار! جيڪڏهن تقدير ۾ جنّت هوندي ته ملي ويندي، نه ته دوزخ ملندو.“ (معاذالله) تقدير جي معاملي ۾ بحث ڪرڻ سان حديثِ پاڪ ۾ حضرت صديقِ اڪبر ۽ عمرِ فاروق اَعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي به منع فرمايو ويو هو. (معجم ڪبير، 95/2، حديث:1423)

انهيءَ ڪري تقدير جي متعلق بحث نه ڪيو وڃي. اسان جو ڪم صرف ايترو آهي ته وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالٰی يعني بُري ۽ سٺي تقدير الله پاڪ جي طرفان آهي.“ اسان کي الله پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ گھرجي. تقدير ۾ ڪجھ شيون معلق به رهنديون آهن. (بهارِ شريعت، حصه 1، 14/1ماخوذاً) مثال طور: موٽرسائيڪل تي ويندو ته ايڪسيڊنٽ ٿيندو، موٽرسائيڪل تي نه ويندو ته ايڪسيڊنٽ ڪونه ٿيندو. هيءَ ”تقديرِ معلق“ چورائيندي آهي. هن ۾ به الله پاڪ کي معلوم آهي ته هي موٽر سائيڪل تي ويندو يا ڪونه ويندو، پر ان جي معلوم هئڻ ان کي موٽر سائيڪل تي وڃڻ يا نه وڃڻ تي مجبور ناهي ڪيو. مثال طور: دواء جي بوتل تي ايڪسپائير واري تاريخ لکيل هوندي آهي، ڪمپني وارن کي تجربي مان خبر هوندي آهي ته هي دواء ڪيستائين استعمال ڪري سگھجي ٿي، پر انهن جي ايڪسپائر تاريخ لکڻ سان اها دواء ايڪسپائر ٿيڻ تي مجبور ناهي هوندي، جيڪڏهن ڪمپني وارا نه به لکن تڏهن به دواء انهيءَ تاريخ

تي ايڪسپائر تي ويندي آهي، تنهنڪري لکڻ يا نہ لکڻ سان ڪو فرق ناهي پوندو. انهيءَ طرح تقدير ۾ بہ ائين ناهي تہ اللہ پاڪ لکي ڇڏيو آهي، انهيءَ ڪري ٻانهي کي ڪرڻو آهي، بلڪ ٻانهو جيئن ڪرڻ وارو هو، اللہ پاڪ ائين ئي پنهنجي علم سان لکي ڇڏيو. (بهارِ شريعت،11/1،حصو:1 ملخصاً) اللہ پاڪ کي سڀ معلوم آهي، ان کان ڪابہ شيءِ لڪيل ناهي.

## خوف دور ڪرڻ جو روحاني علاج

**سوال:** رات جو اوچتو اڪ ڪُلڻ کان پوءِ تمام گهڻو ڊپ لڳندو آهي، هن صورت ۾ ڇا ڪيو وڃي.؟ (ايس ايم ايس جي ذريعي سوال)

**جواب:** جيڪڏهن ائين ٿئي تہ يَارَءُوْفُ، يَارَءُوْفُ پڙهندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه خوف پري ٿي ويندو.

## سچائي ۾ عظمت آهي

**سوال:** سچ جي متعلق ڪجهہ ارشاد فرمايو، ماڻهو سچ کي اهميت ناهن ڏيندا.

**جواب:** جهالت ايتري تہ وڌي وئي آهي جو هاڻي ماڻهو چوندي ملن ٿا تہ ”ڪوڙ کان سواءِ گذارو ناهي، ڪوڙ نہ ڳالهائينداسون تہ فلاڻو فلاڻو ڪم ڪونہ ٿيندو.“ حالانڪ ائين ناهي. سچائي واري زندگي گذارڻ وارا گذارين پيا. سچي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سچي غلامن جي مزارن تي اَڄ بہ چراغا تي رهيو آهي، جن جو عرس ملهايو پيو وڃي ۽ ايصالِ ثواب ڪيو پيو وڃي، انهن دنيا ۾ سچائي سان زندگي

گذاري آهي، اهو ئي سبب آهي ته اَڄ انهن جي موج لڳي پئي آهي. قرآنِ ڪريم ۾ حڪم آهي: وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ (پ11، التوبہ:119) (ترجمو ڪنزالايمان:۽ سچن جي صحبت ۾ هجو.)

هيءَ وڏي غلط سوچ آهي ته ”سچائي جو زمانو ناهي، يا ڪوڙ جي بغير گذارو ناهي.“ دراصل ذهن خراب ٿي چڪو آهي، انهيءَ ڪري اهڙيون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، نه ته حقيقت اها آهي ته سچائي ۾ عظمت آهي، ڪوڙ ۾ ڪا عظمت ناهي، بلڪ تباهي ۽ بربادي آهي، انهي ڪري هميشه سچ ڳالهائڻ گهرجي. احاديثِ مبارڪ ۾ سچ جا فضائل موجود آهن. (بخاري شريف،4/6094)

ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائي بظاهر ائين لڳندو آهي ته نفعو ملي ويو، پر ٿي سگهي ٿو ته اهو ئي اچڻ وارو نفعو سڪون کسي وٺي. توهان جيڪڏهن مالدارن کي ڏسندؤ ته توهان کي سڪون واري زندگي گذارڻ وارا گهٽ ملندا. هي سنا ڪپڙا پائي توهان جي سامهون وينا هوندا آهن، پر اندر کان هڪ تعداد ٽٽل هوندو آهي. ڪنهن کي ڪا ٽينشن ته ڪنهن کي ڪا. ضروري ناهي ته اهو سڀ ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري ئي ٿيو هجي، چوڻ جو مقصد اهو آهي ته هن دور ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ کان سواءِ گهٽي دولت جمع ڪرڻ وڏو مشڪل ڪم آهي. وڏيڪ اهو ته واپار جي مسئلن جي به خبر ڪانه هوندي، ايئن به گناهن مبتلا ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي مال وڪامجي به ويو ته اُن ۾ برڪت ۽ ڀلائي ڪانه ٿيندي. ڪڏهن بيماري ۾ هليو ويندا يا ڪڏهن ڌاڙيل ڪنيي ڪٽي ويندا. جيڪڏهن ڪنهن سان اهڙو معاملو پيش اچي ته هن جو اهو مطلب ناهي ته اهو

مال حرام جو هو. مان هڪ عام ڳالھ ڪري رهيو آهيان. ڪوڙ ڳالهائڻ سان جيتوڻيڪ وڌيڪ مال اچي به وڃي پر ان ۾ برڪت ۽ سڪون ناهي هوندو. جيڪو غريب ماڻهو صابر ۽ شاڪر هوندو اهو توهان کي پرسڪون ملندو، ان جي دنيا به پرسڪون هوندي آهي، چوته اُن کي رستي جي ڪناري تي به ننڊ اچي ويندي آهي ۽ ان کي اغواء ٿيڻ يا چوري ٿيڻ جو به خوف ناهي هوندو، چوته ان وٽ ايترو مال ئي ناهي هوندو جنهن جي ڪري ان کي خطرو ٿئي. ۽ اهڙو غريب حديثِ پاڪ جي مطابق مالدار ماڻهن کان 500 سال پهريان جنت ۾ به هليو ويندو. (ترمذي شريف، 157/4، حديث:2358)

مالدار انهيء ڪري رڪيل رهندو ته اُن کي پنهنجي مال جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ جيڪڏهن حرام جو هوندو ته پوءِ عذاب به ٿيندو. جيڪو غريب شڪوه شڪايت ڪري ٿو يا ٻين جي مال ۾ نظر رکي ٿو ان جي لاءِ اها فضيلت ناهي.

(شرح صحيح بخاري لابن بطال، 173/10 ماخوذاً)

بهرحال! ڪوڙ ڳالهائي وقتي طور تي نجات ملي به وڃي، تڏهن به ڪوڙي ماڻهو جو اعتماد ختم ٿي ويندو آهي، آهسته آهسته ماڻهن کي خبر پئجي ويندي آهي ته هن جي زبان جو ڪو هڪ نڪاڻو ناهي ۽ پوءِ اهو ماڻهن ۾ بدنام ٿي ويندو آهي. بعد ۾ سچ به ڳالهائيندو آهي ته ماڻهو ان جي ڳالھ کي ڪوڙ سمجهندا آهن. جيئن هڪ بڪرار بڪريون چاريندو هو، هڪ ڀيرو اهو مذاق ڪندي جهنگل ۾ هڪ اونچي دڙي تي چڙهي دانهون ڪرڻ لڳو ته”وارو ڪيو! شينهن اچي ويو، شينهن اچي ويو.“ قريبي ڳوٺ جا ماڻهو ڏنڊا، لٺيون، ڪنيو ڊوڙندا آيا، پر جڏهن

ويجهو پهتا ته ٻڪرار انهن کي ڏسي زور زور سان کلڻ لڳو ته مان ته مذاق پئي ڪيو، ڳالهه کي جيئن تيئن ڪري ٽاريو ويو. هڪ ڀيرو سچ ۾ شينهن اچي پهتو. ٻڪرار دڙي تي چڙهي دانهون ڪرڻ لڳو: ”وارو ڪيو شينهن اچي ويو، شينهن اچي ويو“ ماڻهن ٻڌو ته اڻ ٻڌي ڪري چوڻ لڳا ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، هن جو ڪهڙو ڀروسو! بعد ۾ جڏهن ماڻهن جو اتان گذر ٿيو ته ڏٺائون ته واقعي شينهن ان کي چيري ڦاڙي ڇڏيو هو ۽ اُن جون ٻڪريون به ڀڄي ويون هيون يا ان جي ٻڪرين کي به شينهن کائي ڇڏيو هو ۽ ٻڪرار زنده بچي ويو هو، ان ماڻهن کي چيو ته مون توهان کي سڏيو هو توهان چونه آيا؟ ماڻهن چيو ته ڀريان توهان ڪوڙ هنيو هو، انڪري اسان سمجهيو ته هاڻي به ڪوڙ هڻي رهيو آهين. ائين ان جي ڪوڙ جي ڪري ڪين نقصان پهتو. ڪوڙ ۾ ٻنهي جهانن جو نقصان آهي ۽ ان جو هڪ ڪان هڪ عذاب آهي. (بخاري شريف،125/4، حديث: 6094)

## جان جو صدقو ڪنهن شيءِ جو ڏيڻ بهتر آهي؟

**سوال:** ماڻهو مختلف شين جو صدقو ڏيندا آهن، جيڪڏهن جان جو صدقو ڏيڻو هجي ته ڪنهن شيءِ جو صدقو بهتر رهندو..؟ (هي سوال شعبہ ملفوظات اميراهلسنت جي طرفان قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته جواب امير اهلسنت جو عطا ڪيل ئي آهي.)

**جواب:** جان جو صدقو ڏيڻو هجي ته جانور جي جان جو صدقو ڏنو وڃي. مثال طور: ڪو سفر تي وڃي رهيو آهي ته ان جي زنده سلامت موٽي اچڻ جي لاءِ يا ڪو بيمار آهي ته ان جي صحتياب ٿيڻ جي لاءِ ڪا مرغي وغيره حلال جانور ذبح ڪيو وڃي. يا ڪنهن کي

زنده ڏنو وڃي تہ ذبح ڪرڻ جو چئي ڇڏجي. پر هن ۾ هڪ خطرو اِهو بہ آهي تہ ٿي سگهي ٿو جنهن کي زنده ڏنو اهو ان کي ذبح ڪرڻ بدران وڪڻي ڇڏي. مثلاً ڪنهن راهِ ويندڙ فقير کي مرغي ڏئي ڇڏي، هاڻي اهو پڇائي ڪٿي؟ انهيءَ ڪري اهو وڪڻي ڇڏيندو، اهو ئي حال ٻَڪرَن جو بہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري پاڻ پنهنجي سامهون ذبح ڪيو يا ڪنهن قابلِ اعتماد ماڻهوکي ڏيو جيڪو چئي تہ اسان ذبح ڪري ڇڏينداسين. هي هڪ بهتر صورت ٻُڌائي آهي. باقي جيڪڏهن ڪنهن کي زنده ڏنو ۽ ان وڪڻي ڇڏيو تہ اهو جائز آهي ۽ خيرات چورائيندو. منهنجي گهڻو ڪري ڪوشش هوندي آهي تہ نفلي صدقي جي لاءِ ”خيرات“ چوان. عربي ۾”خيرات“ خير جو جمع آهي. اردو ۾ راهِ خدا ۾ ڪا شيءِ ڏيڻ خيرات چورائيندو آهي. صدقي جي معنيٰ تمام وسيع آهي. مسلمان جي سامهون مسڪرائڻ بہ صدقو آهي. (ترمذي، 3/384، حديث: 1963) رستي تان ڪا تڪليف واري شيءِ مثلاً پٿر ۽ ڪندو وغيره هٽائڻ بہ صدقو آهي. (ترمذي، 3/384، حديث: 1963)

## ديني طبقي جو دنياوي طبقي تي رشڪ ڪرڻ ڪيئن؟

**سُوال:** بعض اَوقات ديني طبقي سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن کي دنياوي ماڻهن جي عزت ڏسي رشڪ ايندو آهي، اهڙي صورت ۾ چا ڪرڻ کپي.؟[1]

**جواب:** جيڪڏهن ڪو عالم يا حافظ صاحب اهو سوچي تہ ”مون علم حاصل ڪيو آهي، هن جا هيترا هيترا فضائل ۽ مرتبا آهن، پر

[1] (هيءُ سوال شعبہ ملفوظاتِ اميراهلسنت طرفان ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جواب امير اهلسنت جو عطا ڪيل آهي.)

منهنجي امامت آهي ۽ پگهار بہ ٿوري آهي، جڏهن تہ فلاڻو ماڻهو سُودي(وياجي) اِداري ۾ ڪم ڪري ٿو، نہ ان جي ڏاڙهي آهي، نہ اسلامي لباس آهي ۽ نہ ئي ان وٽ علمِ دين آهي، اُن جي ايتري گهڻي پگهار آهي." تہ انهن کي اهو چيو وڃي تہ "نيڪ آهي، توهان کي وڏو عهدو ڏياري ڇڏيون ٿا، پر شرط اهو آهي تہ اوهان کان علمِ دين ويسارايو ويندو، حفظِ قرآن بہ ختم ڪيو ويندو، پوءِ توهان حافظ صاحب ڪونہ رهندؤ، توهان حضرت، مولانا، دامت برڪاتهم العاليہ ڪونہ رهندؤ، بلڪ مسٽر چورائيندؤ. ڇا توهان کي منظور آهي.؟" ظاهر آهي اهو هيءُ سڀ ٻڌي ڪري انڪار ڪري ڇڏيندو تہ "نہ نہ، اها ناداني آهي." علمِ دين ۽ حفظِ قرآن جو قدر آهي، اصل مالدار توهان آهيو. اُن وٽ جيڪي دنياوي ڊگريو آهن اهي قبر ۾ ڪم ڪونہ اينديون، جڏهن تہ توهان جي علمِ دين ۽ حفظ قرآن جون ڊگريون قبر ۽ آخرت ۾ ڪم اينديون. توهان پنهنجي اناج جو ننڍڙو داڻو ڏسي اها گفتگو ڪري رهيا آهيو، حالانڪ سامهون جيڪا خوبصورتي نظر اچي رهي آهي اها هڪ ناپائيدار شيءِ آهي. جڏهن تہ توهان جي اناج جو ننڍڙو داڻو اوهان جي جان ۽ اِيمان بچائيندو. هي اناج جو داڻو توهان جو سرمايو آهي. جيڪڏهن اهو بہ نہ هجي تہ بعض اوقات فقر، انسان کي ڪفر تائين وٺي ويندو آهي.

## ڪم پورو ٿيندي ٿيندي ڇو رهجي ويندو آهي؟

**سُوال:** ڪم پورو ٿيندو ٿيندي رهجي وڃڻ جو ڇا سبب هوندو آهي. (ايس ايم ايس جي ذريعي سوال)

**جواب:** اصل سبب الله پاڪ جاڻي. ڪيئي ڀيرا ائين ٿيندو آهي تہ

ڪم ٿيندي ٿيندي انڪري رهجي ويندو آهي جو اهو ڪم نہ ٿيڻ ۾ ان جي ڀلائي هوندي آهي. مثال طور: موٽر سائيڪل ٺهرائڻ جي لاءِ ڏنو هو ۽ نهايت ضروري ڪم سان ڪٿي وڃڻو هو. جڏهن مڪينڪ وٽ ويو تہ ان چيو تہ”سڀاڻي ملندو، هڪ پرزو مونکي ناهي مليو، سڀاڻي وڏي مارڪيٽ ويندس، اتان وٺي ايندس“ هاڻي ٻانهو ڪاوڙ ۾ لال پيلو ٿي بس ۾ ويهي هليو ويو. هاڻي ٿورو سوچيو تہ هن ۾ ڀلائي جي صورت اها آهي تہ ٿي سگهي ٿو”تقديرِ معلق“ اها هجي تہ جيڪڏهن هن موٽرسائيڪل تي ويندو تہ ٽرڪ وغيره سان ٽڪرائجي پوندو جنهن سان هن جو مٿو ديوار وغيره سان ٽڪرائبو ۽ اهو قومہ ۾ هليو ويندو يا مري ويندو. اهو سمجهائڻ جي لاءِ هڪ مثال آهي تہ اسان جي حق ۾ ڇا بهتر آهي؟ اسان کي خبر ناهي هوندي، انڪري الله پاڪ جي رضا تي راضي رهي. الله پاڪ جيڪو ڪندو آهي صحيح ڪندو آهي. هن حوالي سان مڪتبة المدينہ جي ڪتاب”عيون الحڪايت“۾ گڏهہ، ڪڪڙ ۽ ڪتي جي هڪ طويل حڪايت[1] موجود آهي. جيڪڏهن ڪو ڪم ناهي هوندو تہ

---

[1]هڪ نيڪ شخص جهنگل ۾ رهندو هيو. ان صالح مرد وٽ هڪ ڪتو، هڪ گڏهہ ۽ ڪڪڙ هو. ڪڪڙ صبح جو سوير گهر وارن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندو هو ۽ گڏهہ تي اهو پاڻي ڀري ايندو هو ۽ ٻيو سامان وغيره لڏيندو هو ۽ ڪتو انهن جي چوڪيداري ڪندو هو. هڪ ڏينهن ٻگهڙ آيو ۽ ڪڪڙ کي پڪڙي کڻي ويو، گهر وارن کي هن واقعي تي ڏاڍو صدمو پهتو پر اهو شخص نيڪ هو سُو ان چيو: ”ٿي سگهي ٿو انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ وري هڪ ڏينهن ٻگهڙ آيو ۽ گڏهہ جو پيٽ چيري ان کي ماري وِڌو هن تي گهر وارن کي ڏاڍو ڏُک ٿيو پر اُن شخص چيو:”ممڪن آهي انهيءِ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ وري هڪ ڏينهن ڪتُو بہ مري ويو تہ اُن شخص وري بہ اهو ئي چيو:”ممڪن آهي انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ اڃان ڪجهہ ڏينهن ئي گذريا هئا تہ هڪ صبح انهن کي خبر پئي تہ سندن ڀرپاسي ۾ رهائشي سڀئي ماڻهو قيد ڪيا ويا آهن ۽ صرف هن جو گهر محفوظ رهيو آهي. گرفتار ٿيل تمام ماڻهو ڪتن، گڏهن ۽ ڪڪڙن جي آوازن جي ڪري پڪڙيا ويا. تنهنڪري

ڪا ڳالهه ناهي، اڄ نه ته سڀاڻي ٿي ويندو. ٿي سگهي ٿو ان ڪم جي نه ٿيڻ ئي ۾ ڪا حڪمت هجي. مثال طور: جيڪڏهن اسان دولت مند ناهيون ٿي رهيا ته ٿي سگهي ٿو ته اهو اسان جي لاءِ بهتر هجي، ڇوته ٿي سگهي ٿو ته جيڪڏهن دولت مند بڻجي وڃون ته ناشڪري ڪرڻ وارا بڻجي وڃون جو مال هوندو ته گناهن جا سبب گهڻا ملي ويندا آهن. جيڪڏهن مال نه هوندو ته گناهن واريون شيون خريدڻ به مشڪل ٿيندو ۽ ائين انسان گناهن کان بچي ويندو. هي به ٿي سگهي ٿو ته دولت مند ٿيڻ کان پوءِ غريبن کي حقارت سان ڏسڻ لڳون ۽ تڪبر ۾ پئجي وڃون، انهيءَ ڪري جيڪڏهن مال ناهي ته سنو آهي جو پاڻهو تڪبر جي مصيبت کان بچيل آهي. اسان وٽ جيڪا به ڪمي آهي ان ڪمي ۾ به الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. ڇوته ٿي سگهي ٿو ان ڪمي جي ڪري اسان آزمائش کان محفوظ ٿي وڃون. حسن به هڪ آزمائش هوندو آهي. جيڪڏهن حسن نه هجي ته بعض اوقات انسان شرمسار ٿيندو آهي ۽ ائين عورتن ۾ وڌيڪ ڏنو ويندو آهي. پر ائين به ٿيندو آهي ته ڪجهه ڇوڪريون پنهنجي حسن جي ڪري اغواء ٿي وينديون آهن يا مصيبت ۾ مبتلا ٿي وينديون آهن، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن وٽ حسن ناهي ته اها به ان جي لاءِ عافيت جي صورت ٿي سگهي ٿي. الله پاڪ جنهن حال ۾ رکيو آهي، پاڻهي کي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ته ياالله! تنهنجي حڪمت مان نٿو سمجهي سگهان. صرف هي دعا ڪيو: اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ الۡمُعَافَاةَ فِی الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ يعني اي الله! مان دنيا ۽ آخرت ۾ توکان عافيت

---

تقديرِ اِلٰهي جي مطابق انهن جي حق ۾ بهتري انهن جانورن جي هلاڪت ۾ هئي. (عيون الحڪايت، ص 121. عيون الحڪايت(مترجم)، حصو اوّل، ص187)

يعني سلامتي جو سوال ٿو ڪريان.

## فضائلِ آفات ۽ 20 روحاني علاج

ٽي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (1) مسلمان کي جيڪا بہ تڪليف، بيماري، ڏک، پريشاني، اَذيت ۽ غم پهچي ايستائين جو جيڪڏهن ڪنڊو بہ لڳي پئي، الله پاڪ ان جي سبب ان جا گناه مٽائي ڇڏيندو آهي. (بخاري،3/4، حديث:5641) (2) قيامت جي ڏينهن جڏهن مصيبت ۾ ورتل ماڻهن کي ثواب ڏنو ويندو تہ عافيت سان رهڻ وارا تمنا ڪندا تہ ”ڪاش! دنيا ۾ انهن جون کلون قينچي سان ڪٽيون وڃن ها.“ (ترمذي،180/4، حديث:2410) (3) جيڪو هڪ رات بيمار رهيو، صبر ڪيو ۽ الله پاڪ جي رضا تي راضي رهيو تہ اهو گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان جي ماءُ ان کي اَڄُ ئي ڄڻيو آهي. (نوادر الاصول، 147/3)

جے سوہنا میرے دکھ وچ راضی تے میں سکھ نوں چُلّھے پاواں ہو

رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت اُمُّ السّائب رَضِیَ اللہُ عَنْہَا وٽ تشريف وٺي ويا، فرمايائون: توکي ڇا ٿيو آهي جو ڌڪي رهي آهين؟ عرض ڪيائين: بخار ٿي پيو آهي، الله پاڪ ان ۾ برڪت نہ ڪري. فرمايائون: بخار کي برو نہ چئو ڇوتہ اهو انسان جي خطائن کي ائين دور ڪندو آهي جيئن بٺي لوهہ جي مير کي. (مسلم شريف، حديث:2575)

حضرت عطا بن ابو رباح رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما مونکي فرمايو: ڇا مان توکي اهلِ جنت مان ڪا عورت نہ ڏيکاريان؟ مون عرض ڪيو: ضرور ڏيکاريو. فرمايائون: اها حبشي عورت، جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وٽ آئي تہ هن عرض

ڪيو: مونکي مرگهي جو مرض آهي جنهن جي ڪري منهنجو ستر يعني پردو کُلي ٿو وڃي تنهنڪري الله پاڪ سان منهنجي لاءِ دعا ڪيو. ارشاد ٿيو: جيڪر توهان چاهيو ته صبر ڪيو ۽ توهان جي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪڏهن چاهيو ته مان الله پاڪ سان توهان جي لاءِ دعا ڪيان ته اهو توهان کي عافيت عطا فرمائي. ته ان عرض ڪيو: مان صبر ڪنديس. پوءِ عرض ڪيائين: منهنجو پردو کُلي ٿو وڃي، الله پاڪ سان دعا ڪيو ته منهنجو پردو نه کُلندو ڪري. پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي لاءِ دعا فرمائي. (بخاري شريف، 6/4، حديث:5652)

حضرت ضحاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قول آهي: جيڪو هر چاليهه راتين ۾ هڪ ڀيرو به آفت يا فڪر ۽ پريشاني ۾ مبتلا نه ٿيو ان جي لاءِ الله پاڪ وٽ ڪا ڀلائي ناهي. (مڪاشفة القلوب، ص15)

منهنجا بيمار بخت وارؤ! ڏٺو اوهان؟ بيماري ۽ مصيبت ڪيتري وڏي نعمت آهي جو هن جي برڪت سان الله پاڪ ٻانهي جا گناهه مٽائي ڇڏيندو ۽ درجا بلند ڪري ڇڏيندو آهي، بيشڪ مرض هجي يا زخم، ذهني ٽينشن هجي يا گهٻراهٽ، ننڊ گهٽ ايندي هجي يا نفسياتي امراض، اولاد جي سبب غم هجي يا بي اولادي جو صدمو، روزي جي تنگي هجي يا قرض جو گهٽو بار مطلب ته مسلمان کي مصيبتن تي ثواب ملندو آهي، هر صورت ۾ صبر سان ڪم وٺو جو بي صبري سان تڪليف ته ويندي ناهي ٻيڻو نقصان ٿي ٿيندو آهي ۽ اهو به تمام وڏو نقصان يعني صبر جي ذريعي هٿ اچڻ وارو ثواب ئي ضايع ٿي ويندو آهي. ياد رکو! سڀ کان خطرناڪ بيماري ڪفر جي بيماري آهي ۽ گناهن جي بيماري به سخت

تشويشناڪ آهي. آفت و مصيبت ۽ بيماري ۽ پريشاني ماڻهن کان لڪائڻ ثواب جو ڪم آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ تنهن ان کي لڪايو ۽ ماڻهن سان شڪايت نہ ڪئي تہ الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي.“ (معجم اوسط،214/1،حديث:737)

حضرت شيخ سعدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ پيرو درياء جي ڪناري تي هڪ بزرگ وينو هو ان جي مبارڪ پير کي چيتي ڪٽيو هو ۽ زخم تمام گهڻو وڏي ويو هو. ماڻهو جمع ٿي ان سان همدردي ڪري رهيا هئا. پر اهي فرمائي رهيا هئا، ڪا پريشاني جي ڳالهہ ناهي هي تہ شڪر جو مقام آهي جو مونکي جسماني مرض مليو، جيڪڏهن مان گناهن جي مرض ۾ مبتلا ٿي وڃان ها تہ ڇا ڪيان ها! (گلستانِ سعدي، ص60)

(1) **روزيءَ جي لاءِ:** يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَاب 500 ڀيرا، اوّل آخر درود شريف11،11 ڀيرا، بعدِ نمازِ عشاء قبلي ڏانهن منهن ڪري باضو مٿي اگهاڙي اهڙي جڳهہ تي پڙهي جو مٿي ۽ آسمان جي درميان ڪا شيءِ اوٽ نہ هجي، ايستائين جو مٿي تي ٽوپي بہ نہ هجي. اسلامي ڀينرون اهڙي جڳهہ پڙهن جتي ڪنهن اجنبي يعني غير محرم جي نظر نہ پئي. اِنْ شَآءَالله روزي جي تنگي دور ٿي ويندي. (2) **يا الله** 101 ڀيرا ڪاغذ تي لکي تعويذ ٺاهي ڪري ٻانهن تي ٻڌي ڇڏيو، جائز ڪم ڪار ۽ حلال نوڪري ۾ دل لڳي ويندو. (3) 7 ڏينهن تائين هر نماز کان پوءِ يَارَزَّاقُ يَارَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ يَا سَلَامُ 112 ڀيرا پڙهي ڪري دعا ڪيو، اِنْ شَآءَالله بيماري، تنگدستي ۽ ناداري کان نجات حاصل ٿيندي.

(4) **چوري کان حفاظت**: يَاجَلِيْلُ (اي بزرگي وارا) 10 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي مال ۽ اسباب ۽ رقم تي دم ڪيو، ان شاءالله چوري ٿيڻ کان محفوظ رهندو. (5) **شادي جي لاءِ**: جن ڇوڪرين جي شادي نہ ٿيندي هجي يا مڱڻي تي ٽٽي پوندي هجي تہ اهي نمازِ فجر کان پوءِ يَاذَالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام 312 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي لاءِ نيڪ رشتو ملڻ جي دعا ڪن، اِنْ شَآءَاللّٰه **جلد شادي تي ويندي ۽ مڙس بہ نيڪ ملندو.** (6) يَاحَيُّ يَاقَيُّوْم 143 ڀيرا لکي ڪري تعويذ بڻائي ڪنوارو پنهنجي ٻانهن تي ٻڌي يا ڳچي ۾ پائي ڇڏي تہ ان جي جلد شادي تي ويندي ۽ گهر بہ چڱو هلندو. (7) **ٻڌائي اولاد جي لاءِ**: يَامُتَكَبِّرُ 10 ڀيرا، زال کان "ميلاپ" کان پهريان پڙهڻ وارو نيڪ پٽ جو پيءُ بڻجندو. (8) حامله شهادت جي آڱر پنهنجي دن جي اردگرد گهمائيندي يَامَتِيْنُ 70 ڀيرا پڙهي. هي عمل 40 ڏينهن تائين جاري رکي، الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان پٽ عنايت ٿيندو. هن عمل ۾ هر مرض جو علاج آهي. ڪوبہ مريض اهو عمل ڪري تہ ان شاءالله شفا ماڻيندو. (دن تان ڪپڙو هٽائڻ جي ضرورت ناهي، ڪپڙي جي مٿان ئي اهو عمل ڪرڻو آهي) (9) حامله جي پيٽ تي هٿ رکي مڙس هن طرح چئي: اِنْ كَانَ ذَكَرًا فَقَدْ سَمَّيْتُه مُحَمَّدًا ترجمو: جيڪڏهن ڇوڪرو آهي تہ مان ان جو نالو مُحَمَّد رکيو" (اِنْ شَآءَاللّٰه ڇوڪرو پيدا ٿيندو. اگر پڙهندي وقت عربي عبارت جي معنيٰ ذهن ۾ هجي تہ ترجمي جا الفاظ اچارڻ جي ضرورت ڪانهي نہ تہ ترجمي جا الفاظ بہ چئي وٺي.) (10) **دشمن جي حفاظت جي لاءِ**: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ هلندي ڦرندي اٿندي ويهندي بڪثرت پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن کان حفاظت ٿيندي. (11) **گم ٿيل انسان وغيره**

**ملڻ ۽ هر حاجت جي لاءِ:** الله پاڪ جي رحمت تي مضبوط ڀروسي سان هلندي ڦرندي، وضو بي وضو وڌ کان وڌ تعداد ۾ يَارَبِّ مُوْسٰى يَارَبِّ كَلِيْم بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط پڙهندا رهو. انهيءَ دوران ڪجهه ڀيرا درود شريف به پڙهو. گم ٿيل انسان، سون، مال، گاڏي وغيره اِنْ شَآءَالله ملي ويندا. بلڪ ٻين حاجتن جي لاءِ به اهو عمل مفيد آهي. (12) **اثرات جو روحاني علاج:** لَآاِلٰهَ اِلَّا الله 41 ڀيرا لکي (يا لکرائي) ڪري پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ٻانهن ۾ ٻڌي يا ڳچي ۾ پائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَالله اثرات پري ٿي ويندا. (13) **جادو جو روحاني علاج:** لَآاِلٰهَ اِلَّا الله 101 ڀيرا پڙهي ڪري سحر زده (يعني جنهن تي جادو ڪيو ويو هجي ان) تي دم ڪيو وڃي يا اهو ئي لکي ڪري ڌوئي پياريو وڃي ته اِنْ شَآءَالله سحر (يعني جادو) جو اثر ختم ٿي ويندو.(14) **جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته:** جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته لَآاِلٰهَ اِلَّا الله 11 ڀيرا پڙهي ڪري پاڻ تي دم ڪيو، اِنْ شَآءَالله ننڊ اچي ويندي. (15) **ڪينسر جو روحاني علاج:** اوّل آخر يارهن ڀيرا درودِ ابراهيمي ۽ درميان ۾”سوره مريم“ پڙهي ڪري دم ڪيو، ضرورت موجب ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، مريض اهو ئي پاڻي سڄو ڏينهن پيئي، اهو عمل 40 ڏينهن تائين بلا ناغه ڪندا رهو، اِنْ شَآءَالله شفا حاصل ٿيندي. (ٻيو به پڙهي دم ڪري مريض کي پياري سگهي ٿو.) (16) **بخار جو روحاني علاج:** يَاغَفُوْرُ ڪاغذ تي ٽي ڀيرا لکي ڪري پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڪري ڳچي ۾ پائي ڇڏيو يا ٻانهن تي ٻڌي ڇڏيو، اِنْ شَآءَالله هر قسم جي بخار کان نجات ملندي. (17) **هيپاٽائٽس جو روحاني علاج:** هر ڀيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط سان گڏ”سوره قُريش“ 21 پيرا (اوّل آخر 11 پيرا درود شريف) پڙهي (يا پڙهائي) ڪري آبِ زمزم شريف يا ان پاڻي ۾ جنهن جي اندر آبِ زم زم شريف جا ڦُڙا شامل هجن، دم ڪيو ۽ روزانو صبح، منجهد ۽ شام پي وٺو. اِنۡ شَآءَاللّٰه 40 ڏينهن جي اندر اندر شفاياب ٿي ويندؤ.(صرف هڪ پيرو دم ڪيل پاڻي ڪافي آهي، ضرورت موجب پاڻي وڌيڪ ملائي وٺو)

(18) **پتي ۽ مثاني جي پٿري جو روحاني علاج:** لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 46 پيرا سادي ڪاغذ تي لکي ڪري پاڻي ۾ ڌوئي پيئڻ سان پتي ۽ مثاني جي پٿري ان شاءالله ذرڙا ٿي نڪري ويندي. (مدت علاج: تا حصول شفاء) (19) دل ۽ سيني جي بيمارين جو روحاني علاج: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 75 پيرا پڙهي ڪري دل ۾ سوراخ واري بار بار گهبراهٽ، دل ۽ سيني جي تمام مريضن جي سيني تي دم ڪرڻ الله پاڪ جي فضل سان فائديمند آهي. (20) هر طرح جي مريض جو روحاني علاج: يَامُعِيۡدُ دائمي مريض هر وقت پڙهندو رهي، الله پاڪ صحت عنايت فرمائيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہ عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net